شيخ طريقت، امير اهلسنت، باني دعوت اسلامي، حضرت علام
دَامَت بَرَكَاتُهُمُ العَاليه

**مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي**

# جواني ڪيئن گذاريون؟

**ترجمو پيشڪش**

مجلسِ تراجم (دعوت اسلامي) هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته مجلسِ تراجم کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.


**رابطي جي لاءِ:**

**مڪتب مجلس تراجم (دعوت اسلامي) عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ**

**محلہ سوداگران پراڻي سبزي منڊي باب المدينہ ڪراچي**

**UAN:** ☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 1262

**Email:** 🖃 translation@dawateislami.net


www.dawateislami.net

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ رَبِّ الۡعٰلَمِیۡنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الۡمُرۡسَلِیۡنَ
اَمَّا بَعۡدُ فَاَعُوۡذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّیۡطٰنِ الرَّجِیۡمِ ؕ بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ ؕ

## ڪتاب پڙهڻ جي دعا

ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙهڻ کان پهريان هيٺ ڏنل دعا پڙهي ڇڏيو جيڪو ڪجهه پڙهندا ياد رهندو، دعا هي آهي:

**اَللّٰهُمَّ افۡتَحۡ عَلَیۡنَا حِکۡمَتَكَ وَانۡشُرۡ عَلَیۡنَا رَحۡمَتَكَ یَا ذَاالۡجَلَالِ وَالۡاِکۡرَام**

**ترجمو: اي اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي پنهنجي رحمت جي گهور فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا!** (مستطرف ج 1 ص40 دار الفکر بيروت)

**(نوٽ: اول آخر هڪ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهي ڇڏيو)**

طالب غم
مدينہ
بقيع
و
مغفرت



رسالي جو نالو: جواني ڪيئن گذاريون؟
ڇاپو پهريون: جمادي الثاني 1436هه، اپريل 2015ع
تعداد:
ڇاپيندڙ: مڪتبة المدينہ عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينہ بابُ المدينہ ڪراچي

**مدني التجا**

**ڪتاب خريد ڪندڙ توجه فرمائن**

ڪتاب جي ڇپائي ۾ ڪا وڏي خرابي هجي يا صفحا گهٽ هجن يا بائنڊنگ ۾ اڳتي پوئتي ٿي ويا هجن تہ مڪتبة المدينہ سان رابطو فرمايو.

www.dawateislami.net

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ط

# جواني ڪيئن گذاريون؟

شيطان ڪيتري ئي سستي ڏياري هي رسالو مڪمل پڙهي ڇڏيو. اِنْ شَآءَ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ اجر ۽ ثواب جي دولت حاصل ڪرڻ سان گڏوگڏ جواني جي عبادت ۽ ان جي قدر ۽ اهميت معلوم ڪرڻ جو موقعو ملندو.

## درود شريف جي فضيلت

**شهنشاه مدينه،** قرار قلب و سينه، صاحبِ معطر پسينه صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمانِ عافيت نشان آهي: "اي انسانو! بيشڪ توهان مان قيامت جي ڏينهن ان جي دهشتن ۽ حساب ڪتاب کان جلد نجات پائڻ وارو اهو شخص هوندو جنهن دنيا ۾ مون تي **ڪثرت سان دُرود شريف پڙهيا هوندا.**" (جمع الجوامع، ج 9، ص 129، حديث 27686)

حشر کی تیرگی سیاہی میں — نُور ہے، شمعِ پُر ضیا ہے دُرود
چھوڑیو مت دُرود کو کافی — راہِ جنّت کا رَہنُما ہے دُرود

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## جواني جي تلاش

**حڪايت** بيان ڪئي وڃي ٿي ته هڪ پوڙهو شخص ڪٿان گذري رهيو هو، پوڙهائپ جي ڪري ان جي چيلهه ايتري قدر جهڪيل هئي جو هلندي ائين لڳندو هو ته پوڙهو شخص زمين تان

www.dawateislami.net

**فرمانِ مُصطَفٰي** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **جنهن مون تي هڪ ڀيرو درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي ڏهه رحمتون موڪليندو آهي.** (مسلم)

ڪجهه تلاش ڪري رهيو آهي. هڪ نوجوان کي مسخري لڳي ۽ چوڻ لڳو: ڪراڙا! ڇا تلاش ڪري رهيا آهيو؟ ڳالهه ته غصو ڏيارڻ واري هئي پر ان پوڙهي صبر، برداشت ۽ سمجهه داري جو وڏو مظاهرو ڪيو ۽ طنز جي ان ڏکايل سوال جي جواب ۾ فڪر انگيز مدني گل پيش ڪندي فرمايو: ”**پٽ! مان پنهنجي جواني تلاش ڪري رهيو آهيان**“ دل ڏڪائيندڙ سوال جو نرم جواب ٻڌي ڪري نوجوان حيرت وچان چوڻ لڳو: چاچا سائين! توهان جي ڳالهه سمجهه ۾ نه آئي، ڇا جوانيءَ به ڪڏهن تلاش ڪئي ويندي آهي؟ ۽ ڇا هي هڪ دفعو گم ٿي ٻيهر ڪنهن کي ملي آهي؟

فرمايو: پٽ! اهو ئي ته افسوس آهي جو جڏهن جوانيءَ جي نعمت مون وٽ هئي ان وقت ان جو قدر نه ڪري سگهيس ۽ اڄ جڏهن مان ان کان هٿ ڌوئي وينو آهيان تڏهن هن جي اهميت جو احساس ٿيو. ڪاش! مون کي جواني جو زمانو هڪ دفعو ٻيهر ملي وڃي ته ماضي ۾ ٿيندڙ غلطين ۽ ڪوتاهين جي تلافي ڪريان ۽ خوب دل لڳائي الله عَزَّوَجَلَّ جي عبادت ڪريان.

اَلَا لَيْتَ الشَّبَابَ يَعُوْدُ يَوْمًا

فَاُخْبِرُهٗ بِمَا فَعَلَ الْمَشِيْبُ

**يعني افسوس ڪاش! منهنجي جواني ڪڏهن واپس اچي، ته مان ان کي ٻڌايان ته ڪراڙپ مون سان ڪهڙو سلوڪ ڪيو.**

www.dawateislami.net

**فرمانِ مُصطفٰي** صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: **مون تي ڪثرت سان درود پاڪ پڙهو بيشڪ توهان جو مون تي درود پڙهڻ توهان جي گناهن جي لاءِ مغفرت آهي.** (جامع صغير)

پوءِ هڪ ٿڌو ساهه کڻي چيو: افسوس صد افسوس! مان پنهنجي جواني جي دولت وڃائي ويٺس، پر! ”اب پچھتائے کیا ہوت جب چڑیا چگ گئیں کھیت“ مون جواني جي قدر نه ڪئي، ان وقت نه نيڪي ڪئي ۽ نه ئي آخرت جي تياري ڪئي ۽ ائين منهنجي جواني غفلت جي بستري تي سمهندي گذري وئي.

دن بھر کھیلوں میں خاک اُڑائی — لاج آئی نہ ذرّوں کی ہنسی سے
شب بھر سونے ہی سے غرض تھی — تاروں نے ہزار دانت پیسے

هاڻي جڏهن پوڙهائپ اچي وئي ته صحت ڪمزور ۽ جسم هيڻو ٿي ويو. عبادت جي ڪثرت جو شوق ته پيدا ٿيو پر پوڙهائپ جي ڪري حوصلو ساٿ ڇڏي ڏنو.

پوءِ اهو پوڙهو شخص ان نوجوان تي **انفرادي ڪوشش** ڪندي چوڻ لڳو: پٽ! الله عَزَّوَجَلَّ جي فضل ۽ احسان سان توهان اجا **نوجوان** آهيو، ان مان فائدو وٺو، عبادت جي لاءِ تيار ٿي وڃو، چيلهه جهڪڻ کان پهريان رب تعالي جي حضور مٿي کي جهڪايو نه ته پوڙهائپ ۾ مون وانگر چيلهه جهڪائي جواني کي ڳوليندو رهندي پر حسرت ۽ ندامت کان سواءِ ڪجهه نه ملندو پڇتائيندو رهندي پر هٿ ڪجهه به نه ايندو ۽ حالات ڪجهه هن طرح پيش ايندا. ننڍپڻ واري عمر راند ڪيڏڻ ۾، جواني خوب ننڊ ڪري ۽ پوڙهائپ کي ڏسي روئڻ ۾.

ان همدرديءَ ۽ نصيحت واريءَ گفتگو جي انداز ۽ انفرادي ڪوشش جي مدني گلن جي خوشبوءِ ان نوجوان جي دل ۽ دماغ کي

www.dawateislami.net

**فرمانِ مُصطَفٰي** صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: **مون تي درود شريف پڙهو الله تعاليٰ توهان تي رحمت موڪليندو- (ابن عدي)**

معطر ۾ ان کي بيحد متاثر ڪيو. ڪجهه دير پهريان ان پوڙهي تي طنز جا تير هلائڻ وارو نوجوان انفرادي ڪوشش کان متاثر ٿي ڪري هاٿي ان پوڙهي جي سامهون آئنده جي لاءِ جواني جي قدر ۽ پرهيزگاري جي زندگي گذارڻ جو واعدو ۽ اقرار ڪري رهيو هو.

**شهزاده اعلي حضرت، مفتي اعظم هند مولانا مصطفٰي رضا خان** عَلَیْہِ رَحْمَۃُ الرَّحْمٰن پنهنجي نعتيه ديوان **”سامان بخشش“** ۾ جواني جي قدر داني جو درس ڏيندي فرمائن ٿا:

ریاضت کے یہی دن ہیں، بُڑھاپے میں کہاں ہمّت
جو کچھ کرنا ہو اَب کر لو، ابھی نُوری جَواں تم ہو

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## پٿر جي جواب ۾ گل پيش ڪريو!

منا منا اسلامي ڀائرو! بيان ڪيل حڪمت ڀري حڪايت پنهنجي اندر عبرت ۽ نصيحت جا قيمتي مدني گل ڪٺي آئي آهي. ان مان هڪ مدني گل هي آهي تہ جيڪڏهن ڪو توهان سان تنقيدي لهجي يا طنزيہ سلوڪ ڪري تہ پٿر جو جواب پٿر سان ڏيڻ جي بجائي صبر ۽ تحمل کان ڪم وٺڻ گهرجي. موقعي جي مناسبت سان سهڻي انداز ۾ سمجهائڻ جي ڪوشش ۽ ذهريلن ڪندن جي جواب ۾ مدني گل پيش ڪرڻ جي عادت اِنْ شَآءَاللّٰہ عَزَّوَجَلَّ مدني نتيجن سان سرفراز ڪندي بلڪ هن مدني مقصد جي راهہ ۾ آسانيون پيدا

**فرمانِ مُصطَفٰي** صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: **جنهن مون تي ڏهه ڀيرا درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي سؤ رحمتون نازل فرمائي ٿو.** (طبراني)

ڪري مدني انقلاب آڻيندي ته ”مون کي پنهنجي ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش ڪرڻي آهي“ اِنْ شَآءَ اللہ عَزَّوَجَلَّ

تو پیچھے نہ ہٹنا کبھی اے پیارے مبلغ
شیطان کے ہر وار کو ناکام بنادے (وسائلِ بخشش)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## نيڪي جي دعوت عام ڪريو

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! هن واقعي مان هي مدني گل به مليو ته مسلمانن کي سمجهائڻ ۽ **”نيڪي جي دعوت“** عام ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي ته ان ۾ پنهنجي ۽ ٻين اسلامي ڀائرن جي ديني ۽ دنياوي ڀلايون لڪيل آهن، جيئن ته پاره 27 سورة **الذّٰريٰت**، آيت نمبر 55 ۾ الله عَزَّوَجَلَّ جو فرمان عالي شان آهي.

وَ ذَكِّرْ فَاِنَّ الذِّكْرٰى تَنْفَعُ الْمُؤْمِنِيْنَ ﴿۵۵﴾

**ترجموڪنزالايمان:** ۽ سمجهاءِ جو سمجهائڻ مسلمانن کي فائدو ڏي ٿو.

مجھے تم ایسی دو ہمت آقا دوں سب کو نیکی کی دعوت آقا
بنادو مجھ کو بھی نیک خصلت نبیِّ رحمت، شفیعِ اُمّت

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

www.dawateislami.net

فرمانِ مُصطفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: توهان جتي بہ هجو مون تي درود پاڪ پڙهو توهان جو درود مون تائين پهچي ويندو آهي. (طبراني)

# وقت جي دولت جو قدر ڪريو

**هن حڪايت** مان هي بہ معلوم ٿيو تہ وقت جي ناقدري بالآخر ندامت آڻيندي آهي، خصوصًا جواني جي ڏينهن ۾ بي فڪري، لاپرواهي ۽ ان حسين لمحات جي بي قدري پوڙهائپ ۾ پڇتائڻ جو سبب بڻجندي آهي. ڇو تہ جنهن جي جواني جو سفر گناهن جي انڌيري ۾ گذرندو آهي. جڏهن اهي پوڙهائپ جي عالم ۾ نيڪين جي روشنائين جي طرف منهن موڙيندا آهن تہ گهڻي دير ٿي ويندي آهي ۽ ان وقت ماڻهو ڪجهہ ڪرڻ بہ چاهي تہ جسم ۽ عضون جي ڪمزوري ۽ صحت جي خرابي حوصلن کي ختم ڪري ڇڏيندي آهي.

تنهن ڪري جيستائين جواني جي نعمت آهي ۽ صحت سلامت آهي، تہ ان کي غنيمت ڄاڻي وڌ کان وڌ عبادت ۽ سنن ڪمن جي عادت تي استقامت وٺڻ جي ڪوشش ڪريو ۽ جيڪڏهن اڄ نيڪين کان همت هارائي ڪري، برائين ۾ دل لڳائي ڪري همت، صلاحيت ۽ وقت جي نعمت وڃائي ويهندو تہ سياڻي پڇتائڻو پوندو پر ان وقت جو پڇتائڻ ۽ افسوس سان هٿ هڻڻ ڪنهن ڪم نہ ايندو.

وقت جي تيز رفتار گاڏي اسان جي ڏينهن ۽ رات کي ڪٽيندي وڃي رهي آهي. وقت جو لغام ڪڏهن ڪنهن جي هٿ آيو آهي ۽ وقت جي گاڏيءَ کي ڪير چوي تہ آهستہ هل! بس اڄ وقت جو قدر ڪريو ۽ ان مان فائدو وٺو نہ تہ گذريل وقت ياد تہ ايندو پر هٿ نہ ايندو.

سدا عيش دوراں دِکھاتا نہیں　　گیا وقت پھر ہاتھ آتا نہیں

**فرمانِ مُصطفٰي** صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: **مون تي ڪثرت سان درود پاڪ پڙهو بيشڪ هي توهان جي لاءِ طهارت آهي-** (ابو يعلٰي)

# جواني جي تعريف

**دعوت اسلامي** جي اشاعتي اداري مكتبة المدينہ جي مطبوعہ 1432 صفحات تي مشتمل ڪتاب "فيضان سنّت" جلد اول صفحہ 696 تي آهي: "لغت جي ڪتب جي مطابق (بالغ ٿيڻ کان وٺي) 30 يا 40 سال تائين مرد جوان رهندو آهي، 30 يا 50 سال جواني ۽ پوڙهائپ جو درمياني وقفو يعني اڌڙوت ۽ ان کان پوءِ پوڙهائپ اچي ويندي آهي"

# فيضان قرآن ۽ نوجوان

منا منا اسلامي ڀائرو! دماغي ۽ جسماني صلاحتين کان صحيح معني ۾ جواني ۾ ئي ڪم وٺي سگهو ٿا، علمِ دين حاصل ڪرڻ ۽ مطالعو ڪرڻ جي عمر بہ جواني ئي آهي، پوڙهائپ ۾ اڪثر عقل ۽ فهم جون قوتون بيڪار ٿي رهجي وينديون آهن، غور ۽ فڪر جون صلاحيتون ڪمزور ٿي وينديون آهن، ياد داشت جو خزانو خالي ٿي ويندو آهي، دماغ خلل جي شڪار ٿيڻ جي سبب انسان ٻارن جهڙيون حرڪتون ڪرڻ لڳندو آهي ۽ ان کان ڪنهن وقت اهڙيون مضحڪہ خيز حرڪتون ظاهر ٿينديون آهن جو ان تي بي اختيار کل ايندي آهي.

پر خوشخبري آهي ان نوجوان جي لاءِ جيڪو قرآن جي تلاوت جو عادي آهي. جڏهن اهڙي نوجوان تي پوڙهائپ ايندي تہ اهو ان آزمائشن ۽ آفتن کان محفوظ رهندو. جئين تہ مفسر شهير حڪيم الامت مفتي احمد يار خان نعيمي عَلَيْہِ رَحْمَةُ اللّٰہِ الْقَوِی نقل فرمائن ٿا: "حضرت سيّدُنا عِڪرِمہ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ فرمائن ٿا: جيڪو مسلمان قرآن جي تلاوت

**فرمانِ مُصطفٰي** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **جيڪو مون تي درود پاڪ پڙهڻ وساري ويٺو اهو جنّت جو رستو ڀُلجي ويو-** (طبراني)

جو عادي هوندو، ان تي اِنْ شَآءَاللهعَزَّوَجَلَّ هي (يعني جواني ۾ حاصل ڪيل علم کي پوڙهائپ ۾ وسارڻ واري) حالت طاري نه ٿيندي.“

(نور العرفان، پ 17، الحج، تحت الآية: 5)

فِلموں سے ڈِراموں سے دے نفرت تُو اِلٰہی!

بس شوق مجھے نعت و تلاوت کا خدا دے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## جواني جي عبادت پوڙهائپ ۾ سبب عافيت

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ذڪر ڪيل روايت مان معلوم ٿيو ته قرآن جي تلاوت ڪرڻ وارو نوجوان جڏهن پوڙهائپ جي عمر ۾ پهچي ويو ته قرآن جي برڪت سان ان حالت ۾ نسيان (يعني وسارڻ) جي مصيبت کان محفوظ رهندو. هي منظر ته عام ملاحظو ڪيو ويندو آهي ته اڪثر پوڙها هِذيان (يعني بيهودگي) ۽ نسيان (وسارڻ) جي مرض ۾ مبتلا نظر ايندا آهن، پر ڪجھ خوش نصيب اهڙا به آهن جڏهن ته پوڙهائپ جي منزل سان مليل آهن پوءِ به علمي جلالت ۽ ذهني قوت جي اهڙي شان ۽ شوڪت جو ڏسڻ وارن کي انتهائي حيرت ۾ وجهي ڇڏي. ان سيني عظمتن جو هڪ سبب جواني جي عبادت ۽ قرآن پاڪ جي تلاوت آهي.

## مدرسةُ المدينہ بالغان

اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ! جوانن ۾ عبادت ۽ رياضت جو ذوق ۽ شوق وڌائڻ ۽ تعليمِ قرآن کي عام ڪرڻ جي لاءِ تبليغ قرآن ۽ سنّت جي

www.dawateislami.net

فرمانِ مُصطَفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن مون تي هڪ ڀيرو درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي ڏهه رحمتون موڪليندو آهي.(مسلم)

عالمگير غير سياسي تحريڪ دعوت اسلامي جي ڀرپور ڪوششون قابل تعريف آهن. جنهن مان هڪ "**مدرسةُ المدينہ بالغان**" بہ آهي. سڄي دنيا ۾ مختلف مقامات ۽ مساجد ۾ عمومًا عشاء جي نماز کان بعد هزارين **مدرسةُ المدينہ** جي ترڪيب هوندي آهي. جن ۾ اسلامي ڀائر صحيح مخارج سان، حروفن جي صحيح ادائگي سان گڏ قرآن شريف سکندا، دعائون ياد ڪندا، نمازون درست ڪندا ۽ سنّتن جي تعليم مفت حاصل ڪندا آهن.

يہی ہے آرزو تعلیمِ قرآں عام ہو جائے
ہر اِک پرچم سے اونچا پرچمِ اسلام ہو جائے

## مدرسة المدينہ بالغات

اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ! دعوت اسلامي جي مدني ماحول جي تحت قرآن پاڪ جي تعليم (حفظ ۽ ناظره) کي عام ڪرڻ جي لاءِ اسلامي ڀائرن کي مدرسةُ المدينہ بالغان سان گڏوگڏ وڏي عمر جي اسلامي ڀيڻن جي لاءِ مدرسة المدينہ بالغات جي بہ ترڪيب آهي. جنهن ۾ هزارين اسلامي ڀيڻون قرآن پاڪ جي مفت تعليم حاصل ڪنديون آهن. انهن مدارس ۾ اسلامي ڀيڻون ئي اسلامي ڀيڻن کي پڙهائينديون آهن. ان کان علاوه اندروني ۽ بيروني ملڪ لا تعداد مدرسا "مدرسةُ المدينہ" جي نالي قائم آهن. پاڪستان ۾ (رجب المرجب 1435هـ تائين) تقريبًا 2064 مدرسا قائم آهن. جنهن ۾ تقريبًا 101410 مدني منين ۽ مدني منن کي مفت تعليم ڏني وڃي ٿي.

فرمانِ مُصطَفٰي صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن مون تي ڏهه ڀيرا صبح ۽ ڏهه ڀيرا شام درودِ پاڪ پڙهيو ان کي قيامت جي ڏينهن منهنجي شفاعت ملندي. (مجمع الزوائد)

عطا ہو شوق مولیٰ مدرسے میں آنے جانے کا
خدایا ذوق دے قراٰن پڑھنے کا، پڑھانے کا

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## مدني ماحول ادنٰي کي اعلٰي ڪري ڇڏيو

دعوت اسلامي جي شعبي ”مَدْرسةُ المدينہ برائي بالغان“ هڪ نوجوان جي لاءِ قرآن سکڻ، اخلاقيات سنوارڻ، عبادت ۾ دل لڳائڻ بلڪ ائين سمجهيو تہ آخرت جو سامان گڏ ڪرڻ آسان ڪري ڇڏيو آهي. جيئن تہ هڪ اسلامي ڀاءُ جو بيان جو خلاصو آهي: ”منهنجا گناهہ تمام گهڻا هئا. جن ۾ معاذ اللّٰه V.C.R جي ليڊ (Lead) سپلائي ڪرڻ، راتن جو بدمعاش ڇوڪرن سان گڏ گهمڻ، روزانو ٻہ ٻلڪ ٽي ٽي فلمون ڏسڻ، ورائٽي پروگرامن (Variety Programmes) ۾ راتيون ڪاريون ڪرڻ شامل آهن.

اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ! باب المدينہ ڪراچي جي علائقي ”نيا آباد“ جي هڪ اسلامي ڀاءُ جي مسلسل انفرادي ڪوشش جي برڪت سان علائقي جي مدرسةُ المدينہ (برائي بالغان) ۾ وڃڻ جي ترڪيب ٿي ۽ اهڙي طرح عاشقان رسول جي صحبت ملي ۽ مان تبليغ قرآن ۽ سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ دعوت اسلامي جي مدني ماحول سان وابستہ ٿي ڪري مدني ڪمن ۾ مصروف ٿي ويس“

(غيبت جون تباهہ ڪاريون، ص 147)

**فرمانِ مُصطَفٰي** صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **جنهن ڪتاب ۾ مون تي درودِ پاڪ لکيو ته جيستائين منهنجو نالو ان ڪتاب ۾ لکيل رهندو فرشتا ان جي لاءِ استغفار ڪندا رهندا.** (طبراني)

ہمیں عالِموں اور بزرگوں کے آداب    سکھاتا ہے ہر دم سدا مَدَنی ماحول
ہیں اسلامی بھائی سبھی بھائی بھائی    ہے بے حد محبت بھرا مَدَنی ماحول

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب!    صَلَّى اللّٰهُ تَعالٰى عَلٰى مُحَمَّد

# جواني کي غنيمت سمجهو

**جليل القدر** تابعي حضرت سيِّدُنا عَمرو بن مَيمُون اَودِي رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان روايت آهي ته سرڪار نامدار، مديني جي تاجدار صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن هڪ شخص کي نصيحت ڪندي فرمايائون: پنج (شين) کي پنجن کان پهريان غنيمت سمجهو: ”**پوڙهائپ کان پهريان جواني کي**، بيماري کان پهريان تندرستي کي، فقيري کان پهريان اميري کي، مصروفيت کان پهريان فرصت کي ۽ موت کان پهريان زندگي کي.“

(مشڪاة المصابيح، ج 2، ص245، حديث 5174)

**مشهور** صوفي شاعر حضرت سيدنا شيخ مُصلِحُ الدِّين سَعدي شيرازي رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائين ٿا.

کُنُوْنَت کِه دَسْتَست خارِی بُکَن
دِگَر کَی بَر آرِی تُو دَست اَزْ کَفَن    (بوستان سعدي، ص 48)

**(يعني اي غافل شخص! هاڻي جڏهن ته تنهنجي همت ۽ صحت وارا هٿ ڪشاده آهن ته انهن هٿن سان ڪو ڪم ڪري وٺ، سياڻي جڏهن هي ڪفن ۾ پڏجي ويندا ته پوءِ ڪُلڻ ڪتي نصيب!)**

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب!    صَلَّى اللّٰهُ تَعالٰى عَلٰى مُحَمَّد

**فرمانِ مُصطفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جيڪو مون تي جمعہ جي ڏينهن درود شريف پڙهندو قيامت جي ڏينهن مان ان جي شفاعت ڪندس. (ڪنزالعمال)**

# جواني جي قدر ڪريو

**جواني جي** متعلق حڪيم الامت مفتي احمد يار خان نعيمي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْغَنِی جي تحرير ڪيل ڪلام جو خلاصو آهي: جواني راند روند ۾ وڃائي ڪري پوڙهائپ ۾ جڏهن تہ عضوا بيڪار ٿي وڃن، عبادت جي ڪثرت جي خواهش ڪرڻ بيوقوفي آهي، جيڪو ڪرٽو آهي جواني ۾ ڪري وٺو ڇو تہ صالح جوان جو تمام وڏو درجو آهي. انهيءَ لاءِ صحت، جواني، مالداري ۽ زندگي کي ضايع نہ ڪريو. ان ۾ نيڪ اعمال ڪري وٺو ڇو تہ هي نعمتون بار بار ناهن ملنديون. ميان محمد بخش رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا.

سدا نہ حُسن جوانی رهندی، سدا نہ صحبتِ یاراں
سدا نہ بلبل باغاں بولے، سدا نہ باغ بهاراں

يعني هي حسين جواني هميشہ سلامت ناهي رهندي ۽ نہ ئي دوستن ۽ احبابن جون صحبتون هميشہ باقي رهنديون آهن. باغ ۾ روزانو ٻولڻ واريون بلبلون ۽ باغ جون بهارون بہ هميشہ رهڻ واريون ناهن.

(مرأة المناجيح، ج 7، ص 16)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

# رِحلت جي وقت حضرت امير مُعاويہ جن جو فرمان

**حضرت** سيِّدُنا اَمير مُعاوِيہ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْهُ جن جو جڏهن وقت وصال ويجهو آيو، تہ پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْهُ جن فرمايو: ”مون کي ويهاريو“. جڏهن ويهاريو ويو تہ پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْهُ ذِڪرُ الله ۽ تسبيح ۾ مشغول ٿي ويا. پوءِ

**فرمانِ مُصطَفٰيﷺ: جنهن جمعه جي ڏينهن مون تي ٻه سؤ ڀيرا درودِ پاڪ پڙهيو ان جا ٻه سؤ سالن جا گناه معاف ٿيندا.(ڪنزالعمال)**

روئندي پنهنجو پاڻ کي مخاطب ڪندي (بطور عاجزي) فرمائڻ لڳا: اي مُعاوِيه (رضي الله تعالٰی عنه)! هاڻي پوڙهائپ ۽ ڪمزوري جي وقت الله عَزَّوَجَلَّ جو ذڪر ياد آيو، ان وقت ڇا ٿيو جڏهن جواني جي شاخ ترو ۽ تازه هئي.

(لباب الاحياء،الباب الاربعون في ذكر الموت وما بعده ص 352،مختصرا)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## بزرگن جي عاجزي اسان جي لاءِ رهنمائي

مِٺا مِٺا اسلامي ڀائرو! اسان جا بُزرگانِ دين رَحِمَهُمُ اللّٰهُ تَعَالٰى ڪيتري قدر نيڪين جا قدرڪرڻ وارا ۽ عاجزي جا پيڪر هئا جو محبوب رَبِّ اڪبر صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي جليل القدر صحابي ٿيڻ ۽ سڄي زندگي نيڪين ۾ گذارڻ جي باوجود حسرت آهي ته ڪاش! عبادت ۽ رياضت جي وڌيڪ سعادت نصيب ٿي وڃي ها: سندن رضي الله تعالٰی عنه جي هن عاجزي ۾ اسان جي لاءِ رهنمائي آهي ته اي جوانو! جواني تمام وڏي نعمت آهي، ان جي قدر ڪريو، ان کي فضوليات ۾ نه گذاريو نه ته جڏهن هوش ايندو ته تير ڪمان مان نڪري چڪو هوندو ۽ ڪمان مان نڪتل تير واپس ناهي ايندو.

غَافِلْ مَنَشِيں نه وَقْت بَازِی سْت
وَقْت هُنَرَاست وَكَارْ سَازِی سْت

**يعني اي نوجوان! غافل نه ويهه، هي فرصت ۽ غفلت جو وقت ناهي بلڪ هنر سکڻ ۽ ڪم ڪار ڪرڻ جو وقت آهي.**

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعالٰى عَلٰى مُحَمَّد

www.dawateislami.net

**فرمانِ مُصطَفٰي** صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: **جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿئي ۽ اهو مون تي درود شريف نہ پڙهي تہ اهو ماڻهن ۾ ڪنجوس ترين شخص آهي.** (ترغيب وترهيب)

## عبادت جي برڪت سان پوڙهائپ ۾ بہ جوان

**حضرت** علامہ ابن رجب حنبلي عَلَیْہِ رَحْمَۃُ اللّٰہِ الْقَوِی جواني ۾ عبادت جي متعلق فرمائن ٿا: "جنهن الله عَزَّوَجَلَّ کي ان وقت ياد رکيو جڏهن هو جوان ۽ صحتمند هو، الله عَزَّوَجَلَّ ان جو ان وقت خيال رکندو جڏهن هو پوڙهو ۽ ڪمزور ٿي ويندو ۽ اُن کي پوڙهائپ ۾ بہ سني ٻڌڻ جي قوت، نظر، طاقت ۽ ذهانت عطا فرمائيندو. حضرت ابو الطيب طِبري رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ جن جي سئو سال کان وڌيڪ عمر گذاري، پاڻ رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ ذهني ۽ جسماني لحاظ کان تندرست ۽ صحتمند هئا، پاڻ رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ کان ڪنهن صحت جو راز پڇيو تہ ارشاد فرمايائون: مون جواني ۾ پنهنجي جسماني صلاحيتن کي گناهہ کان محفوظ رکيو ۽ اڄ جڏهن مان پوڙهو ٿي ويو آهيان تہ الله عَزَّوَجَلَّ انهن کي منهنجي لاءِ باقي رکيو آهي. ان جي برعڪس حضرت جنيد رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ جن هڪ پوڙهي شخص کي ڏٺو جيڪو ماڻهن کان گهري رهيو هو، پاڻ رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ جن فرمايو: هن شخص جواني ۾ الله عَزَّوَجَلَّ (جي حقوق) کي ضايع ڪيو تہ الله عَزَّوَجَلَّ پوڙهائپ ۾ هِن (جي قوت) کي ضايع فرمائي ڇڏيو. (مجموعہ رسائل ابن رجب، ج 3، ص 100)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## جواني جي محنت پوڙهائپ ۾ سهولت

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! خوشخبري آهي ان صالح نوجوان جي لاءِ جنهن جي جواني الله عَزَّوَجَلَّ جي عبادت ۾ گذري ۽ عبادت ڪندي ڪندي پوڙهائپ جي منزل اچي وئي ۽ پوڙهائپ بہ اهڙي جو

**فرمانِ مُصطَفٰي** صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: **ان شخص جو نڪ مٽيءَ ۾ ملي وڃي جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿئي ۽ اهو مون تي درودِ پاڪ نہ پڙهي. (حاڪم)**

عبادت جو ذوق تہ آهي پر صحت ۽ همت سات نہ ڏئي رهي آهي، تہ اِنْ شَآءَاللہ عَزَّوَجَلَّ ان کي ان لاچاري جي عالم ۾ بہ صحت ۽ جواني ۾ ڪيل عبادتن جيترو ثواب ملندو رهندو جئين تہ حضرت سيّدنا اَنس بن مالڪ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ فرمائن ٿا: ”جڏهن ٻانهون (حالت اسلام ۾ نيڪيون ڪندي) عمر جي آخري حصي ۾ پهچي وڃي تہ اللہ تعالٰي ان جي نامہ اعمال ۾ برابر نيڪيون لکندو رهندو آهي جيڪي اهو پنهنجي صحت جي زماني ۾ ڪندو رهندو هو.“

(مسند ابي يعلٰي، مسند انس بن مالڪ، ج 3، ص 293، حديث 3666)

## صالح نوجوان جي لاءِ ٻوڙهائپ ۾ انعام

**حڪيم الامت** مفتي احمد يار خان نعيمي عَلَیْہِ رَحْمَۃُ اللہِ الْغَنِی فرمائن ٿا: جيڪو ٻوڙهو ماڻهو ٻوڙهائپ جي وجهہ سان زيادهہ عبادت نہ ڪري سگهي پر جواني ۾ وڌيون عبادتون ڪندو رهندو هو تہ **اللہ تعالٰي** ان کي معذور قرار ڏئي ان جي نامہ اعمال ۾ اها ئي جواني جي عبادت لکندو آهي. (عارف باللہ حضرت سيِّدُنا شيخ سعدي شيرازي رَحْمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیْہ فرمائن ٿا)

رَسْمَ اسْت کِہ مَالِکَانِ تَحْرِیْر — آزاد کُنَنْد بَنْدَۂ پِیْر

اے بَارِ خُدَاے عَالَمِ آرَای — بَرْبَنْدۂ پِیْر خُوْد بَہ بَخْشَای

**(يعني غلامن جي مالڪن جو طريقو آهي تہ اهي ٻوڙهي غلام کي آزاد ڪري ڇڏيندا آهن، اي منهنجا پروردگار** عَزَّوَجَلَّ**! اي دنيا کي سنوارڻ وارا! ضَعِيفُ العُمَر سَعدي جي بہ بخشش ۽ مغفرت فرماءِ.)** (مرآۃ المناجيح، ج 7، ص 89)

www.dawateislami.net

**فرمانِ مُصطَفٰي** صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: **جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿئي ۽ ان مون تي درود شريف نه پڙهيو ان جفا ڪئي-** (عبدالرزاق)

تنهن ڪري جواني جي قدر ڪندي گهٽي کان گهٽي عبادت ڪريو، ته جيئن سياٽي جڏهن پوڙهائپ گهٽي عبادت ڪرڻ کان معذور ڪري ڇڏي ته الله عَزَّوَجَلَّ جي بارگاهه مان صحت ۽ جواني واري عبادت جهڙو ثواب ملندو رهي.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## الله جو محبوب ٻانهو

**حديثِ قُدسي** آهي: حضرت عبدُالله بن عُمَر رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُمَا کان روايت آهي ته نبي پاڪ، صاحبِ لَولاڪ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جو فرمان عاليشان آهي ته الله عَزَّوَجَلَّ ارشاد فرمائي ٿو: ”منهنجي تقدير تي ايمان آڻڻ وارو، منهنجي لکيل تي راضي رهڻ وارو، منهنجي ڏنل رزق تي قناعت ڪرڻ وارو ۽ منهنجي رضا جي خاطر پنهنجي نفساني خواهشن کي ترڪ ڪرڻ وارو نوجوان منهنجي بارگاهه ۾ منهنجي ڪجهه فرشتن وانگر آهي.“ (جمع الجوامع، ج 9، ص 276، حديث 28714)

**واقعي!** جيڪڏهن انسان الله عَزَّوَجَلَّ جو مطيع ۽ فرمانبردار ۽ ان جي محبوب رحمتِ عالَميان صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو سچو غلام بڻجي وڃي ته اهو فرشتن وانگر بلڪ ڪجهه فرشتن کان به افضل ٿي وڃي ٿو.

فِرشتوں سے بہتر ہے انسان بننا
مگر اِس میں لگتی ہے محنت زیادہ

**فرمانِ مُصطَفٰي** صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿئي ۽ ان مون تي درودِ پاڪ نه پڙهيو تحقيق اهو بدبخت ٿي ويو-** (ابن سني)

# فرشتن ڪان افضل ڪير؟

منا منا اسلامي ڀائرو! ياد رهي ”اسان جا رسول ملائڪن جي رسولن ڪان افضل آهن ۽ ملائڪن جا رسول اسان جي اولياءِ ڪان افضل آهن ۽ اسان جا اولياءِ عوامِ ملائڪ يعني غير رسولن ڪان افضل آهن. فاسق ۽ فاجر ملائڪن ڪان ڪهڙي طرح افضل نه ٿا ٿي سگهن“. (فتاوٰي رضويه، ج 29، ص 391، النبراس، 595)

**حضرت سيِّدُنا عبدُاللّٰه بن عمر** رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُمَا ڪان مروي آهي ته نَبِيِّ رحمت، شَفيعِ اُمت صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان باعَظَمت آهي: ”اللّٰه عَزَّوَجَلَّ اهڙي شخص سان محبت ڪري ٿو جنهن پنهنجي جواني اللّٰه تعالي جي اطاعت جي لاءِ وقف ڪري ڇڏي هجي.“

(حلية الاولياءِ، ج 5، ص 394، حديث 7496)

منا منا اسلامي ڀائرو! بيان ڪيل ٻه روايتون اطاعت گذارن جي لاءِ پنهنجي اندر ۾ گهڻيون برڪتون ۽ عنايتون سمائي وينيون آهن ته جيڪو سعادت مند پنهنجي جواني جي عُمر خدائي حنان ۽ منان عَزَّوَجَلَّ جي رضا واري ڪمن ۽ ان جي بندگي ۾ گذاري، ناجائز فيشن ۽ بري خواهشن ڪان پاڻ کي بچائي رکي، ان جي لاءِ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي بارگاهه مان عزت ۽ عظمت جو مقام ۽ محبوبيت جو درجو حاصل ڪرڻ جي اميد ۽ خوشخبري آهي ڇو ته جواني ۾ نفس جي منهن زور گهوڙي کي لگام ڏيڻ مشڪل هوندو آهي، انهيءَ سبب سان عبادتِ شباب (يعني جواني جي عبادت) کي زياده فضيلت حاصل آهي، جئين ته حڪيمُ الاُمَّت حضرتِ علّامه مفتي احمد يار خان نعيمي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْغَنِي تحرير

www.dawateislami.net

**فرمانِ مُصطَفٰي** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **جنهن مون تي هڪ ڀيرو درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي ڏهه رحمتون موڪليندو آهي.(مسلم)**

فرمائين ٿا: ”جواني ۾ گناهن کان بچي ۽ ربّ عَزَّوَجَلَّ کي ياد رکي ڇو ته جواني ۾ عُضوا قوي ۽ نفس گناهن جي طرف وڌيڪ مائل هوندو آهي. ان ڪري هن زماني جي عبادت پوڙهائپ جي عبادت کان افضل آهي“. (مرأة المناجيح، ج 1، ص 435)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّى اللهُ تَعالٰی عَلٰی مُحَمَّد

منا منا اسلامي ڀائرو! هن پر فتن دؤر ۾جڏهن ته بدقسمتي سان ڪثير نوجوان قرآن ۽ سنت کان پري، جواني جي مستي ۾ مست، دنيا جي حِرص ۽ هَوَس جي نشي ۾ چور ۽ نفس و شيطان جي هٿان مجبور ٿي ڪري گناهن ۽ بي حيائين جي ٻوڏ ۾ ٻُڏي رهيا هئا ته تبليغِ قرآن ۽ سنت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ دعوت اسلامي اُمّت جي اصلاح جي لاءِ هِمّت جو جهندو بُلند ڪيو ۽ هن بي راهي ۽ بي حيائي جي ٻوڏ کي روڪڻ جي ڪامياب ڪوشش جو سفر شروع ڪري ڇڏيو.دعوت اسلامي جي ڪاميابي ڪليل ڪتاب وانگر اڄ سيني تي آشڪار (يعني واضح) آهي ته اهي نوجوان جيڪي شيطان ناهنجار ۽ نفس بي لگام جا غلام نظر ايندا هئا، خوش قسمتي سان دعوت اسلامي جي مدني ماحول سان وابسته ٿيا ته انهن جي بي رونق زندگين ۾ مدني انقلاب جي بهار اچي وئي ۽ اهي پنهنجي جواني جا ڏينهن الله عَزَّوَجَلَّ ۽ ان جي پياري رسول صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي نالي وقف ڪري ان مدني مقصد کي عام ڪرڻ وارا ٿي ويا ته **”مون کي پنهنجي ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش ڪرڻي آهي“**

**فرمانِ مُصطَفٰي** صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: **مون تي ڪثرت سان درود پاڪ پڙهو بيشڪ توهان جو مون تي درود پڙهڻ توهان جي گناهن جي لاءِ مغفرت آهي.** (جامع صغير)

# قوم جا نوجوان ۽ دعوت اسلامي

اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ! **دعوت اسلامي** جي مدني ماحول جي برڪت سان گهڻن انقلابي قدمن مان **اهم** ترين قدم هي آهي ته هن مدني ماحول گناهن ۾ ٻڏنڙ ۽ هر وقت دنياوي مستقبل جي بهتري جي فڪر ۾ پريشان رهڻ وارن نوجوانن کي تقوٰي جي رستي تي هلڻ ۽ فڪرِ آخرت جي لاءِ مصروفِ عمل ڪري ڇڏيو. انهيءَ مدني ماحول جي برڪت سان ڪيترائي نوجوان اسلامي ڀائر دنيا جي چڪرن ۽ جواني جي غفلتن کان منهن موڙي راه خدا عَزَّوَجَلَّ جي لاءِ وقف ٿي ويا. ان کي دعوت اسلامي جي اصطلاح ۾ **"وقف مدينه"** چيو ويندو آهي.

مقبول جہاں بھر میں ہو دعوتِ اسلامی
صدقہ تجھے اے ربِّ غفّار! مدینے کا

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

# بهترين زندگي جو راز

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! توهان کي مدني التجا آهي ته پنهنجي دنيا ۽ آخرت کي بهتر ۽ زندگي جي لمحات کي قيمتي بڻائڻ جي لاءِ **دعوت اسلامي** جي مدني ماحول سان وابسته ٿي ڪري الله عَزَّوَجَلَّ جي عبادت جي لاءِ تيار ٿي وڃو ڇو ته بهترين زندگي جو راز الله عَزَّوَجَلَّ جي عبادت ۽ اطاعت ۾ پوشيده آهي. جيئن ته مُفَسِّرِ شهير حڪيمُ الاُمَّت حضرتِ علّامہ مَولانا مُفتي احمد يار خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الْمَنَّان فرمائن ٿا:

**فرمانِ مُصطَفٰي** صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: **مون تي درود شريف پڙهو الله تعاليٰ توهان تي رحمت موڪليندو۔** (ابن عدي)

”زندگي هر شخص جي گذرندي آهي، بهترين زندگي اها آهي جيڪا رَبُّ تبارڪ و تعالي جي لاءِ وقف ٿي وڃي. الله تعالي اهڙن ماڻهن جي لاءِ صدقات جو خصوصي حڪم ڏنو جنهن پنهنجي زندگي الله (عَزَّوَجَلَّ) جي لاءِ وقف ڪري ڇڏي.“ (تفسير نعيمي، ج 3، ص 134) الله رب العزت عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي. اٰمِين بِجاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

قضا حق ہے، مگر اِس شوق کا اللہ والی ہے
جو اُن کی راہ میں جائے وہ جان اللہ والی ہے (حدائقِ بخشش)

## سَتر صِدِيقن جو ثواب حاصل ڪرڻ وارا

**حضرتِ سيِّدُنا اَنَس بن مالِڪ** رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ روايت فرمائن ٿا ته رسولُ الله صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: الله عَزَّوَجَلَّ جي حرام ڪيل شين کان بچڻ ۽ ان جي احڪامن تي عمل ڪرڻ وارن نوجوانن کي الله عَزَّوَجَلَّ فرمائي ٿو تنهنجي لاءِ سَتَّر صِدِّيقن جي برابر ثواب آهي.
(الترغيب في فضائل الاعمال،باب فضل عبادة الشباب الخ، ص 78)

صَلُّوا عَلَی الْحَبِيب! صَلَّی اللهُ تَعالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## الله عَزَّوَجَلَّ جو حقيقي ٻانهو

**حضرتِ سيِّدُنا عبدُالله بن مسعود** رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان مروي آهي ته رسول الله صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: الله عَزَّوَجَلَّ پنهنجي مخلوق ۾ ان

www.dawateislami.net

**فرمانِ مُصطفٰي** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **جنهن مون تي ڏهه ڀيرا درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي سؤ رحمتون نازل فرمائي ٿو.** (طبراني)

سُهڻي نوجوان کي زياده پسند فرمائي ٿو جنهن پنهنجي جواني ۽ حسن ۽ جمال کي الله عَزَّوَجَلَّ جي عبادت ۾ صرف ڪري ڇڏي هجي، الله عَزَّوَجَلَّ فرشتن جي سامهون اهڙي ٻانهي تي فخر ڪندو ۽ ارشاد فرمائي ٿو: ”هي منهنجو حقيقي ٻانهو آهي.“

(الترغيب في فضائل الاعمال، باب فضل عبادة الشباب الخ، ص 78)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڪيترا خوش نصيب آهن اهي نوجوان جنهن کي الله عَزَّوَجَلَّ جي بارگاهه ۾ محبوبيت جو شرف حاصل ٿي وڃي، جنهن جي جواني الله عَزَّوَجَلَّ جي اطاعت ۾ گذري، قدرت جي باوجود جنهن جو دامن نفس جي شرارتن ۽ شيطان جي چارن ۾ نه الجهي ۽ جنهن تي خوف خدا جو غلبو رهيو، انهن خوش نصيبن جي لاءِ ذڪر ڪيل روايتِ مبارڪ ۾ روح کي راحت ڏيندڙ خوشخبري آهي ۽ اهڙو نوجوان معاشري ۾ به مقام، مرتبي، عزت ۽ عظمت جو حامل آهي.

وہی جواں ہے قبیلے کی آنکھ کا تارا    شباب جس کا ہے بے داغ، ضرب ہے کاری

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## باحيا نوجوان

**جواني جي** بهارن کي مديني جي خوشبوئن سان مُعَطَّر ڪرڻ، جواني کي گناهن جي داغن کان بچائڻ ۽ شرم و حيا جو پيڪر بڻجڻ جي لاءِ **دعوت اسلامي** جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينه تان

**فرمانِ مُصطَفٰي** صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **توهان جتي به هجو مون تي درود پاڪ پڙهو توهان جو درود مون تائين پهچي ويندو آهي.** (طبراني)

سنّتن ڀريي بنام ”باحيا نوجوان“ جي ڪيسٽ هديةً حاصل ڪريو. اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ! هن بيان جو 64 صفحن تي مشتمل رسالو به مڪتبة المدينہ تان هديةً ملي سگهي ٿو. پاڻ به پڙهو ۽ ٻين کي به تحفو پيش ڪريو، اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ ڪيترن ئي برڪتن جو خزانو هٿ ايندو.

**جوانن کي غلط رستي تي هلڻ ۽ سستي جي عادت ڇڏڻ،**

اَسلافِ ڪرام رَحِمَهُمُ اللّٰهُ تَعَالٰى جي پيروي ۾ دين ۽ ملت جي خدمت ڪرڻ ۽ دين اسلام کي ئي دنيا ۽ آخرت ۾ ڪاميابي جو ذريعو سمجهڻ جو ذهن ڏيندي شاعر ڇا خوب چيو آهي:

ترے صوفے ہیں افرنگی، ترے قالیں ہیں ایرانی
لہو مجھ کو رُلاتی ہے جوانوں کی تن آسانی

اَمارت کیا، شکوہِ خُسروی بھی ہو تو کیا حاصل
نہ زورِ حیدری تجھ میں، نہ اِستغنائے سَلمانی

نہ ڈھونڈ اِس چیز کو تہذیبِ حاضر کی تجلّی میں
کہ پایا مَیں نے اِستغنا میں معراجِ مسلمانی

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## جواني نعمت خداوندي

منا منا اسلامي ڀائرو! جواني اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي تمام وڏي نعمت آهي جنهن کي هيءَ نعمت ملي ان کي ان جي قدر ڪندي زياده کان زياده وقت عبادت ۽ اطاعت ۾ گذارڻ گهرجي، وقت جي انمول هيرن کي نفعو پهچائڻ جو ذريعو بڻائڻ گهرجي. حَڪيمُ الْاُمَّت حضرتِ مُفتي احمد يار خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الْمَنَّان نقل فرمائين ٿا: ”جواني جي عبادت پوڙهائپ جي عبادت کان افضل آهي جو عبادت جو اصل وقت جواني آهي“

www.dawateislami.net

**فرمانِ مُصطفٰي** صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **مون تي ڪثرت سان درود پاڪ پڙهو بيشڪ هي توهان جي لاءِ طهارت آهي-** (ابو يعلي)

کر جوانی میں عبادت کاہلی اچھی نہیں　　جب بڑھاپا آگیا کچھ بات بن پڑتی نہیں
ہے بڑھاپا بھی غنیمت جب جوانی ہو چکی　　یہ بڑھاپا بھی نہ ہوگا موت جس دم آگئی

وقت جي قدر ڪريو، ان کي غنيمت سمجهو، گذريل وقت وري هٿ ناهي ايندو. (مراٰة المناجيح، ج 3، ص 167) ۽ خصوصًا جواني جي ڏينهن جو قدر ڪرڻ تمام ضروري آهي ڇو ته جواني ۾ انسان جا عضوا مضبوط ۽ طاقتور هوندا آهن، جنهن جي سبب سان احڪام ۽ عبادات ڪرڻ تمام آسان ۽ جلد ۽ وڌي خوش اسلوبي سان ممڪن هوندي آهي، پوڙهائپ ۾ پوءِ هي بهارون ڪٿي نصيب! ان وقت ته مسجد تائين وڃڻ به مشڪل ٿي ويندو آهي. بک ۽ اڃ جي شدت کي باردشت ڪرڻ جي همت به ناهي رهندي، نفل ته پري فرض روزا پورا ڪرڻ به مشڪل ٿي ويندا آهن ۽ هُونئن به جواني جي عبادت نمايا حيثيت رکندي آهي. جئين ته

## عبادت گذار نوجوان جي فضيلت

حضرتِ سيِّدُنا اَنس بن مالِڪ رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان مروي آهي ته نبي ڪريم، رءُوفُ رَّحِيم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو ارشادِ عظيم آهي: صبح جي وقت عبادت ڪرڻ واري نوجوان کي پوڙهائپ ۾ عبادت ڪرڻ واري پوڙهي تي اهڙي فضيلت حاصل آهي جيئن مُرسَلِين(عَلَيْهِمُ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام) کي تمام ماڻهن تي“. (جمع الجوامع، ج 5، ص 235، حديث 14769)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب!　　صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

**فرمانِ مُصطَفٰي** صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **جنهن مون تي هڪ ڀيرو درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي ڏهه رحمتون موڪليندو آهي.**(مسلم)

منا منا اسلامي ڀائرو! هن روايت مان معلوم ٿيو ته عبادت گذار جوان يقيناً خوش نصيب آهي، ان جي لاءِ تمام گهڻي فضليتن ۽ سعادتن جي خوشخبري آهي، پر اِن طرح جي روايت مان ڪو هي مطلب نه سمجهي ته پوڙها ته ڪنهن ڪاتي ۾ ئي نه آهن. منهنجا پيارا اسلامي ڀائرو! ائين ناهي، ياد رکو! اِها اسلامي معاشري جي اِنفرادِيَّت ۽ خصوصِيَّت آهي ته اهو پوڙهن ۽ ضعيفن کي به بلندين سان هم ڪنار ڪندو آهي. اسلام ۾ پوڙهن کي بوجهه سمجهي گهر مان ڪڍي ڇڏڻ ۽ انهن کي ڪنهن اداري ۾ ”جمع“ ڪرائڻ جو ڪو تصور ناهي، اسلام جو امتياز آهي ته هن دينِ مُبِين ۾ بغير رنگ ۽ نسل ۾ فرق ڪندي ۽ بغير عمر ۽ قد ۾ فرق ڪندي هر مسلمان پنهنجو خاص مقام رکندو آهي، جنهن جو لحاظ رکڻ ٻئي مسلمان تي لازم آهي. هِن جي مختصر وضاحت **دعوت اسلامي** جي اشاعتي اداري مکتبة المدينہ جي ڇاپيل 36 صفحن تي مشتمل ”**احترام مسلم**“ نالي رسالي ۾ به ڪئي وئي آهي. الغرض! هر مسلمان چاهي اهو پوڙهو هجي يا جوان اسلام جي نظر ۾ ان جي خاص اهميت آهي. چناچ

## پوڙهائپ جا فضائل

**محبوبِ رَبِّ ذُوالجَلال**، بيبي آمنہ جي لعل صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمانِ عاليشان آهي: اڇو وار نه پٽيو ڇو ته اهو مسلمان جو نور آهي، **جيڪو شخص اسلام ۾ پوڙهو ٿيو الله عَزَّوَجَلَّ ان جي سبب سان ان جي لاءِ نيڪي لکندو ۽ خطا مٽائي ڇڏيندو ۽ درجا بلند ڪندو.**

(ابو داؤد، ج 4، ص 115، حديث 4202)

www.dawateislami.net

**فرمانِ مُصطفٰي** صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: **جنهن مون تي هڪ ڀيرو درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي ڏهه رحمتون موڪليندو آهي.** (مسلم)

**حضرتِ سيِّدُنا ڪَعۡب بن مُرَّه** رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان روايت آهي ته حضور پُر نور، شافِعِ يَوۡمُ النُّشُور صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جو ارشاد پُر نور آهي: جيڪو اسلام ۾ پوڙهو ٿيو، هيءَ پوڙهائپ **ان جي لاءِ قيامت جي ڏينهن نور هوندي.** (ترمذي، ج 3، ص 237، حديث 1641)

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

انهيءَ لاءِ ضَعِيفُ الۡعُمَر اسلامي ڀاءُ به دل ننديو نه ڪري ۽ مايوسي جو ڪارو ڪَکَر پنهنجي مٿان اچڻ نه ڏئي ته "جب جاگے ہوا سویرا"

ہے بڑھاپا بھی غنیمت جب جوانی ہو چکی
یہ بڑھاپا بھی نہ ہو گا، موت جس دم آ گئی

جيڪڏهن زندگي جي سفر جي ڪنهن به موڙ تي شُعور بيدار ٿي وڃي ته مايوس نه ٿيو بلڪ ان کي غنيمت تصور ڪريو ۽ زندگي جي صبح جي شام ٿيڻ کان ٻهريان ٻهريان آهه زاري ۽ تقوي ۽ پرهيزگاري جي ذريعي الله عَزَّوَجَلَّ کي راضي ڪرڻ جي ڪوشش ۾ مصروف ٿي وڃو ۽ اميد ۽ خوف جي مليل جذبن جي سهاري، جهولي جهلي، الله عَزَّوَجَلَّ جي بارگاهه جي طرف اچو، هِن آيت اميد لَا تَقۡنَطُوۡا مِنۡ رَّحۡمَةِ اللّٰهِ ؕ (**ترجموڪنزالايمان**: **الله جي رحمت کان نا اميد نه ٿيو.** (پ 24، الزُّمر: 53) کي پيشِ نظر رکو. اِنۡ شَآءَ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ نا اميد ۽ خالي جهولي نه پر مغفرتن ۽ بخشش جي لازوال دولت سان مالا مال ٿي موٽندا.

**فرمانِ مُصطفٰي** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **مون تي ڪثرت سان درود پاڪ پڙهو بيشڪ توهان جو مون تي درود پڙهڻ توهان جي گناهن جي لاءِ مغفرت آهي.** (جامع صغير)

نہ ہو نومید، نومیدی زوالِ عِلم و عِرفاں ہے
اُمیدِ مردِ مؤمن ہے خدا کے راز دانوں میں

۽ هي به ذهن ۾ رهي ته عمر جي ڪنهن به حصي ۾ پلي پيري (يعني ڪراڙپ) ۾ به الله عَزَّوَجَلَّ جي بارگاه ۾ توبهه ڪرڻ خوش بختن جو حصو آهي نه ته هن زماني ۾ ڪيترا ئي ماڻهو پيري جي چوڪٺ تي پير رکڻ جي باوجود به مختلف قسم جي راندين ۽ بين حرام ڪمن ۾ لذت جو سامان تلاش ڪرڻ جي ڪوشش ۾ مصروف رهندا آهن جواني ته پهرين ئي برباد ڪري ڇڏي پيري ۾ به خير جي توفيق نه ملي ته پوءِ هاڻي زندگي جون بيون ڪهڙيون گهڙيون اهڙيون ملنديون جن ۾ آخرت جي تياري ممڪن ٿي سگهي.

کر نہ پیری میں تو غفلت اِختیار — زندگی کا اب نہیں کچھ اِعتِبار
حلق پر ہے موت کے خنجر کی دھار — کر بس اب اپنے کو مُردوں میں شُمار

ایک دن مرنا ہے آخِر موت ہے
کرلے جو کرنا ہے آخِر موت ہے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعالٰی عَلٰی مُحَمَّد
تُوْبُوْا اِلَى اللّٰه اَسْتَغْفِرُ اللّٰه
صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعالٰی عَلٰی مُحَمَّد

منا منا اسلامي ڀائرو! اسان کي پنهنجي جواني جي قدر ڪرڻ گهرجي نه ته پيري ۾ ڪڏهن پڇتائڻ جا بول پريشان ڪن ٿا ۽ انهي وقت ڪجهه سمجهه ۾ ناهي ايندو، ڀانهو ڪجهه ڪرڻ چاهيندو

آهي پر هِمَّت ناهي هوندي، جواني ڪي ياد ڪندو آهي پر جواني ڪي نہ واپس اچڻو ناهي ۽ پيري کان تنگ اچي ٿو پر ان کي بہ وڃڻو ناهي ۽ نہ ان وقت پڇتائڻ جو ڪو فائدو آهي.

جو آ کے نہ جائے وہ بڑھاپا دیکھا
جو جا کے نہ آئے وہ جوانی دیکھی

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! يقينًا جواني جي عبادت جون تمام گهڻيون فضيلتون آهن جواني ۾ عبادت ڪرڻ ۽ پنهنجو پاڻ کي گناهن کان بچائي رکڻ واري کي الله عَزَّوَجَلَّ ڪهڙي طرح نوازيندو آهي جئين

## صالح نوجوان کي ملڻ وارو انعام

**دعوت اسلامي** جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل 56 صفحن تي مشتمل ڪتاب "**ڪرامات فاروق اعظم**" صفحو 24 تي آهي مُشِيرِ رسول امير المؤمنين حضرتِ سيِّدُنا عُمَر فاروقِ اَعظم رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ هڪ دفعي هڪ صالح يعني پرهيزگار جي قبر تي تشريف وٺي ويا ۽ فرمايائون اي فلان! الله تعاليٰ واعدو فرمايو آهي:

وَلِمَنْ خَافَ مَقَامَ رَبِّهٖ جَنَّتٰنِ ﴿۳۶﴾
(پ 27 الرّحمٰن: 46)

**ترجموڪنزالايمان:** ۽ جيڪو پنهنجي رب جي بارگاهہ ۾ بيهڻ کان ڊڄي ان جي واسطي بہ جنّتون آهن.

**اي نوجوان!** ٻڌاءِ تنهنجو قبر ۾ ڪهڙو حال آهي؟ انهي صالح "**با عمل**" نوجوان قبر جي اندران پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ جو نالو وٺي سڏ ڪيو ۽ بلند آواز سان بہ دفعا جواب ڏنو قَدْ اَعْطَانِيْهِمَا رَبِّيْ عَزَّوَجَلَّ فِي الْجَنَّةِ يعني منهنجي ربّ عَزَّوَجَلَّ **اهي ٻئي جنتون مونکي عطا فرمائي ڇڏيون آهن.** (تاريخ مدينہ دمشق 45..450)

**فرمانِ مُصطَفٰي** صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **جنهن مون تي ڏهہ ڀيرا درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي سؤ رحمتون نازل فرمائي ٿو-** (طبراني)

سُبحٰنَ الله عَزَّوَجَلَّ انهي واقعي مان خبر پئي تہ جيڪو شخص نيڪين ڀري زندگي گذاريندو ۽ خوف خدا عَزَّوَجَلَّ ڪان ڏڄندو رهندو اهو الله عَزَّوَجَلَّ جي رحمت سان ٻن جنّتن جو حقدار ٿيندو تنهنڪري جواني کي نيڪي ۽ پرهيز گاري ۾ گذاريو نفس جي خواهشن جي پيروي کان بچو هيئنر کان پاڻ کي سنڀالي وٺو ياد رکو! هي حسن ۽ جواني فاني دولت آهي ۽ انهيءَ تي غرور، تَڪَبُّر بيوقوفي آهي.

ڈھل جائے گی یہ جوانی جس پہ تجھ کو ناز ہے

تُو بجا لے چاہے جتنا چار دن کا ساز ہے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

تُوْبُوْا اِلَى اللّٰه اَسْتَغْفِرُ اللّٰه

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

منا منا اسلامي ڀائرو! هاڻي ٻن عبادت ڪندڙ ۽ خوف وارن نوجوانن جا حيرت ۾ وجهڻ وارا واقعا ملاحظ فرمايو ۽ ڏسو تہ يادِ خدا عَزَّوَجَلَّ سان دلين کي آباد ڪرڻ وارن کي ڪهڙين ڪرامتن سان نوازيو وڃي ٿو جئين تہ

## باڪرامت نوجوان

**حضرت سيِّدُنا مَالِڪ بن دينار** عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْغَفَّار فرمائين ٿا تہ هڪ سفر جي دوران مونکي سخت اُڃ لڳي تہ پاڻي جي تلاش ۾ هڪ وادي ڏانهن وڃڻ لڳس. اوچتو هڪ خطرناڪ آواز ٻڌو تہ مون سوچيو: شايد! ڪو جانور آهي جيڪو مون ڏانهن اچي رهيو آهي بس آئون ڀڄڻ وارو ئي هيس تہ جبلن مان ڪنهن مون کي سڏي ڪري چيو: ”اي انسان! اهڙو ڪو معاملو ڪونهي جيئن تون سمجهي رهيو آهين، اهو تہ

www.dawateislami.net

**فرمانِ مُصطَفٰي** صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: **توهان جتي به هجو مون تي درود پاڪ پڙهو توهان جو درود مون تائين پهچي ويندو آهي.** (طبراني)

هڪ الله عَزَّوَجَلَّ جو ولي آهي جنهن حسرت جي شِدَّت مان هڪ ڏُکھو ساھ ڪنيو ته انهي جو آواز بلند ٿي ويو.“ جڏهن آئون پنهنجي رستي ڏانهن واپس موٽيس ته **هڪ نوجوان کي عبادت ۾ مشغول ڏٺو.** مون اُن کي سلام ڪيو ۽ پنهنجي اُڃ جو ٻڌايو ته اُن چيو اي مالِڪ(رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ) هيڏي وڏي سلطنت ۾ توکي پاڻي جو هڪ ڦُڙو به نه مليو پوءِ هو هڪ ٿڪري ڏانهن ويو ۽ اُن کي ٺُڏو هڻي چيائين اُنهي ذات جي قدرت سان اسان کي پاڻي سان سيراب ڪر جيڪو پُراڻين هڏين کي به زنده ڪرڻ تي قادر آهي **اوچتو ٿڪري مان پاڻي ائين وهڻ لڳو جيئن چشمي مان** وهندو آهي مون جيءُ ڀري پيئڻ کانپوءِ عرض ڪيو:”مونکي اهڙي شيء جي نصيحت فرمايو جنهن سان مونکي نفعو ٿيندو رهي.“ ته اُن فرمايو: ”**اڪيلائي ۾ الله** عَزَّوَجَلَّ **جي عبادت ۾ مشغول ٿي وڃو،** هُو ربّ عَزَّوَجَلَّ توکي جهنگلن ۾ پاڻي سان سيراب ڪري ڇڏيندو.“ ايترو چئي ڪري هو پنهنجي رستي تي هليو ويو. (الروضة الفائق ص 166 بتصرف)

میری زندگی بس تیری بندگی میں
ہی اے کاش! گزرے سدا یاالٰہی

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## صالح و خائف نوجوان

**حضرتِ سيّدنا** ذُوالنّون مصري رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ هڪ دفعي شام جي ملڪ تشريف وٺي ويا پاڻ رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ جو گذرڻ هڪ خوشنما سرسبز باغ وٽان ٿيو، ڏٺو ته **هڪ نوجوان صوف جي وڻ جي هيٺ نماز ۾**

**فرمانِ مُصطَفٰي** صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: مون تي ڪثرت سان درود پاڪ پڙهو بيشڪ هي توهان جي لاءِ طهارت آهي- (ابويعلي)

**مشغول آهي.** پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه کي ان نوجوان سان ڳالهائڻ جو شوق ٿيو جڏهن هُن سلام ورايو تہ مون اُن کي پاڻ ڏانهن متوجهه ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي تہ هُن جواب ڏيڻ جي بجاءِ زمين تي هي شعر لکي ڇڏيو.

مُنِعَ اللِّسَانُ مِنَ الْكَلَامِ لِاَنَّهٗ     كَهْفُ الْبَلَآءِ وَجَالِبُ الْاٰفَاتِ

فَاِذَا نَطَقْتَ فَكُنْ لِّرَبِّكَ ذَاكِرًا     لَا تَنْسَهٗ وَاَحْمِدْهُ فِي الْحَالَاتِ

يعني زبان ڪلام کان روڪي وئي آهي ڇو تہ هي زبان طرح طرح جي بلائن جو غار ۽ آفتون آڻڻ واري آهي انهي ڪري جڏهن ڳالهايو تہ الله عَزَّوَجَلَّ جو ذڪر ڪريو اُن کي ڪنهن بہ وقت نہ وساريو ۽ هر حال ۾ ان جي حمد ڪندا رهو.

**نوجوان جي** انهي تحرير جو پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي دل تي گهرو اثر ٿيو ۽ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه گهڻو روئڻ لڳا. جڏهن هوش ۾ آيا تہ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه بہ جوابًا زمين تي آگر سان هي شعر لکي ڇڏيا.

وَمَا مِنْ كَاتِبٍ اِلَّا سَيَبْلٰى     وَيُبْقِي الدَّهْرُ مَا كَتَبَتْ يَدَاهُ

فَلَا تَكْتُبْ بِكَفِّكَ غَيْرَ شَيْءٍ     يَسُرُّكَ فِي الْقِيَامَةِ اَنْ تَرَاهُ

يعني هر لکڻ وارو هڪ ڏينهن قبر ۾ وڃي ملندو پر اُن جي تحرير هميشہ باقي رهندي انهي لاءِ پنهنجي هٿ سان اهڙي شيءِ لکو جنهن کي قيامت جي ڏينهن ڏسي ڪري توکي خوشي ملي.

**حضرت** سيّدنا ذوالنُّون مصري عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْقَوِى جو بيان آهي تہ منهنجي تحرير پڙهي هُن جوان صالح هڪ رڙ ڪئي ۽ پنهنجي جان ڏئي ڇڏي مون سوچيو هن جي ڪفن دفن جو بندوبست ڪري ڇڏيان

**فرمانِ مُصطَفٰي** صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **جيڪو مون تي درود پاڪ پڙهڻ وساري ويٺو اهو جنّت جو رستو ڀُلجي ويو**-(طبراني)

تہ غيب مان آواز آيو **اي ذوالنّون**!انهي کي رهڻ ڏي رَبّ ڪائنات عَزَّوَجَلَّ هن سان واعدو ڪيو آهي تہ فرشتا تنهنجو ڪفن دفن ڪندا اهو ٻڌي ڪري پاڻ رَحۡمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيۡه باغ ۾ وڃي عبادت ۾ مشغول ٿي ويا ۽ ڪجھ رڪعتون پڙهڻ ڪانپوءِ ڏٺو تہ انهي نوجوان جو نالو نشان بہ نہ هو. (روضة الرياحين ص 49 بتصرف)

رہوں مست و بے خود میں تیری وِلا میں          پِلا جام ایسا پِلایا اِلٰہی!

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب!          صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## عرش جو سايو حاصل ڪرڻ وارا خوش نصيب

**جواني** ۾ عبادت ڪرڻ ۽ خوف خدا عَزَّوَجَلَّ رکڻ وارن کي مبارڪ هجي تہ قيامت جي ڏينهن جڏهن سج هڪ ميل تي رهي ڪري باھ وسائي رهيو هوندو عرش جي سايي کان علاوه جان گزا گرمي کان بچڻ جو ڪو ذريعو ڪونہ هوندو. تہ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ اهڙي **خوش قسمت نوجوان کي پنهنجي عرش جي پناھ گاھ جو سايہ رحمت عطا فرمائيندو** جئين حضرت سيدنا اِمَام جَلالُ الدِين سُيُوۡطي شَافَعِي عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللّٰهِ الۡكَافِي نقل فرمائن ٿا تہ حضرت سيدنا سلمان رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنۡهُ جن حضرت سيّدنا ابو دَرداءَ رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنۡهُ ڏانهن خط لکيو تہ هنن صفتن جا مالڪ مسلمان عرش جي ڇانو ۾ هوندا: انهن مان بہ هي آهن. (1) اهو شخص جنهن جي نشونما اِنهي حال ۾ ٿي جو اُن جي صحبت، **جواني ۽ قوت اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ جي رضا ۽ پسند واري ڪمن ۾ گذري ۽ (2) اهو شخص جنهن **اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ جو ذڪر ڪيو ۽ اُن جي اکين مان لڙڪ وهي ويا.

(مصنف ابن ابي شيبة ڪتاب الزهد ڪلام سلمان، ج 8، ص 179 حديث 12 ملتقطًا)

**فرمانِ مُصطفٰي** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **جنهن مون تي هڪ ڀيرو درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي ڏهه رحمتون موڪليندو آهي.** (مسلم)

يارب! میں ترے خوف سے روتا رہوں اکثر
تُو اپنی محبت میں مجھے مست بنا دے

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

اسان جا اَسلاف ڪرام رَحِمَهُمُ اللّٰهُ تَعَالٰى **جواني جي** تمام گهڻي قدر ڪندا هئا ۽ اُن جي قدر ڪرڻ جي تلقين به فرمائيندا هئا. جئين

## امام غزالي جي نصيحت

**حجة الاسلام** حضرت سيّدنا اِمام محمد بن محمد غَزالي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْوَالِى جوانن ۾ توبهه ۾ بهانا ڪرڻ وارن کي سمجهائيندي ارشاد فرمائين ٿا: چا توهان غور نٿا ڪريو توهان ڪڏهن کان پنهنجي نفس سان واعدو ڪريو ٿا ته سڀاڻي عمل ڪندس، سڀاڻي عمل ڪندس ۽ اهو **"سڀاڻي" "اڄ"** ۾ تبديل ٿي وئو چا تون نٿو ڄاڻين ته جيڪو سڀاڻي آئو ۽ هلي وئو اهو ڪلهه ۾ تبديل ٿي ويو بلڪ اصل ڳالهه هي آهي ته تون اڄ عمل ڪرڻ کان عاجز آهين ته سڀاڻي وڌيڪ عاجز هوندين، (اڄ جو ڪم سڀاڻي تي ڇڏڻ وارو ۽ توبهه ۽ اطاعت ۾ تاخير ڪرڻ وارو) ان ماڻهو وانگر آهي جيڪو وڻ کي پٽي ڇڏڻ ۾ جواني ۾ عاجز هجي ۽ ان ڪم کي ٻئي سال تائين ڇڏي ڏي جڏهن ته هو ڄاڻي ٿو ته جيئن جيئن وقت گذرندو ويندو وڻ وڌيڪ مضبوط ۽ سخت ٿيندو ويندو ۽ ڪٽڻ وارو ڪمزور تر ٿيندو ويندو بس جيڪو جواني ۾ نه ڪٽي سگهيو اهو پيري ۾ قطعًا نه ڪٽي سگهندو.

(احياءُ العلوم، ج 4، ص 72)

www.dawateislami.net

**فرمانِ مُصطفٰي** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **جنهن مون تي ڏهه ڀيرا صبح ۽ ڏهه ڀيرا شام درودِ پاڪ پڙهيو ان کي قيامت جي ڏينهن منهنجي شفاعت ملندي.** (مجمع الزوائد)

اُترتے چاند ڈھلتی چاندنی جو ہو سکے کرلے
اندھیرا پاکھ آتا ہے یہ دو دن کی اُجالی ہے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

منا منا اسلامي ڀائرو! امام غزالي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْوَالِي جن جو اهو فرمان ڪيتري قدر سوچڻ وارو آهي ته جيڪو شخص جواني ۾ شرعي احڪامن ۽ الله عَزَّوَجَلَّ جي اطاعتِ ۾ ڪوتاهي ڪري ٿو ته اُن ۾ ڪيئن اميد رکي سگهجي ٿي ته هو پيري ۾ انهن غلطين جو ازالو ڪري سگهندو جو ته ان وقت جسم ۽ عضوا ڪمزوري جو شڪار ٿي چڪا هوندا تنهنڪري جواني کي غنيمت ڄاڻو ۽ هِن عمر ۾ نفس جي بي لگام ۽ زور آور گهوڙي کي لگام ڏيئي ڇڏيو ۽ توبه ڪرڻ ۾ جلدي ڪريو ڇو ته خبر ناهي ڪنهن وقت پيغام اجل (يعني موت جو پيغام) اچي وڃي ڇو ته موت نه ته جواني جو لحاظ ڪري ٿو نه ننڍپڻ جي پرواهه..

موت نہ دیکھے حسن وجوانی نہ یہ دیکھے بچپن خواہ ہو عمر اٹھارہ برس کی یاہو جاوے پچپن

**تنهنڪري** عمر جو کهڙو به حصو هجي موت کي پيشِ نظر رکو ۽ توبه ۾ جلدي ڪريو ۽ جوان ته اِن تي وڌيڪ توجه ڏي ڇو ته جواني جي توبهه الله عَزَّوَجَلَّ کي تمام گهڻي پسند آهي. جئين

## جواني ۾ توبه جي فضيلت

**الله** عَزَّوَجَلَّ جي محبوب داناءِ غيوب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان عاليشان آهي: اِنَّ اللهَ تَعَالٰى يُحِبُّ الشَّابَّ التَّائِبَ يعني جواني ۾ توبه ڪرڻ وارو شخص الله عَزَّوَجَلَّ جو محبوب آهي. (كنزالعمال كتاب التوبة الفصل الاول في الخ الجزء، ج 3، ص 87، حديث 10181)

www.dawateislami.net

**فرمانِ مُصطَفٰي** صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: **جنهن ڪتاب ۾ مون تي درودِ پاڪ لکيو ته جيستائين منهنجو نالو ان ڪتاب ۾ لکيل رهندو فرشتا ان جي لاءِ استغفار ڪندا رهندا.** (طبراني)

## جواني ۾ توبهه ڪرڻ وارو محبوب ڇو؟

**مُبَلِّغ اسلام حضرت علامه شيخ شعيب حريفيش** رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ فرمائن ٿا الله عَزَّوَجَلَّ جي پنهنجي ٻانهي سان محبت ان وقت هوندي آهي جڏهن ته هو جواني ۾ توبهه ڪرڻ وارو هجي ڇو ته نوجوان تر ۽ سر سبز (سائي) ٽاري وانگر هوندو آهي جڏهن هو پنهنجي جواني ۾ هر طرف کان شهوتن ۽ لذتن کان لطف ڪٽڻ ۽ انهن جي رغبت پيدا ٿيندڙ عمر ۾ توبهه ڪري ٿو ۽ هي اهڙو وقت هوندو آهي جو دنيا هن ڏانهن متوجهه هوندي آهي انهي جي باوجود صرف الله عَزَّوَجَلَّ جي رضا لاءِ هو انهن تمام شين کي ڇڏي ڏيندو آهي ته الله عَزَّوَجَلَّ جي محبت جو مستحق بڻجي ويندو آهي ۽ ان جي مقبول ٻانهن ۾ ان جو شمار ٿيڻ لڳندو آهي. (حڪايتون ۽ نصيحتون ص 75)

**حضرت سيّدنا اَنس بن مالڪ** رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان روايت آهي ته سيّدُ الْمُرسلين رحمةاللعٰلمين صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جو فرمان عاليشان آهي الله عَزَّوَجَلَّ کي توبهه ڪرڻ واري نوجوان کان وڌيڪ ڪو پسنديده ڪونهي. (ڪنزالعمال ڪتاب المواعظ...الخ الترغيب...الاحاذي،الجزء 15، ج 8، ص 332، حديث 43101)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب!　　صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## جواني ۾ توبهه ڪريو

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! جواني ۾ عبادت ۽ توبهه ڏانهن مائل ٿيڻ وارو نوجوان ڪيتري قدر سعادت مند آهي جو الله عَزَّوَجَلَّ هن کي پنهنجو پيارو ٻانهو بڻائي ڇڏيندو آهي سچ آهي ته

**فرمانِ مُصطَفٰي** صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: **جيڪو مون تي جمعي جي ڏينهن درود شريف پڙهندو قيامت جي ڏينهن مان ان جي شفاعت ڪندس.(ڪنزالعمال)**

دَرْ جَوانِی تَوبَہ کَرْدَن شَیْوَۂ پَیْغَمْبَرِی
وَقْتِ پِیرِی گُرْگِ ظَالِمْ مِیْ شَوَدْ پَرْہیزْگَار

يعني جواني ۾ استغفار ڪرڻ انبياءِ ڪرام عَلَيۡهِمُ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جي سنّت آهي نہ تہ پيري ۾ تہ ظالم بگھڙ بہ پرهيزگاري جو لباس اوڙهي وٺندو آهي.

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## هڪ وسوسو ۽ ان جو علاج

**وسوسو:** ذڪر ڪيل شعر ۾ توبھ ۽ استغفار کي سنّتِ انبياءِ عَلَيۡهِمُ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام چيو ويو آهي جڏهن تہ توبھ تہ گناهہ تي ڪئي ويندي آهي تہ ڇا مَعَاذَ الله انبياءِ عَلَيۡهِمُ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام کان بہ گناهہ ٿي سگھن ٿا؟

**وسوسي جو علاج:** نہ هرگز نہ حضراتِ انبياءِ ڪرام عَلَيۡهِمُ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام هر خطا ۽ گناهہ کان معصوم آهن ۽ معصوم جي اها معنٰي آهي تہ انهن جي لاءِ حفظِ الٰهي جو واعدو ٿي چڪو جنهن جي ڪري انهن کان گناهہ ٿيڻ شرعًا ناممڪن آهي ۽ اهڙن ڪمن کان جيڪي وجاهت ۽ مروت جي خلاف آهن نبوت کان پهرين ۽ بعدِ نبوت بالاجماع معصوم آهن ۽ ڪبيره گناهن کان بہ مطلقًا معصوم آهن ۽ حق هي آهي تہ تَحمُّد صغائر گناهن کان بہ نُبوت کان پهرين ۽ بعدِ نبوت معصوم آهن.

(ملخص از بهار شريعت جلد اول صفحو 38 کان 39)

وہ کمالِ حُسنِ حُضور ہے کہ گمانِ نَقْص جہاں نہیں
یہی پھول خار سے دُور ہے یہی شمع ہے کہ دُھواں نہیں

www.dawateislami.net

**فرمانِ مُصطفٰي** صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿئي ۽ اهو مون تي درود شريف نه پڙهي ته اهو ماڻهن ۾ ڪنجوس ترين شخص آهي.** (ترغيب وترهيب)

**انبياءِ ڪرام و مُرسلينِ عُظّام** عَلَيْهِمُ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جن ڪان جيڪي توبھ ۽ استغفار جا معمولات نقل ڪيا ويا آهن اهي بطور عاجزي ۽ امت جي تعليم لاءِ آهن انهي لاءِ توبھ ۽ استغفار ڪي ذڪر ڪيل شعر ۾ انبياء ڪرام عَلَيْهِمُ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جي سنّت چيو ويو آهي.

صَـلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب!　　صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## جوانن کي نصيحت

**حجة الاسلام** حضرت سيّدُنا اِمام مُحمّد بِن غَزّالي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْوَالِى تحرير فرمائن ٿا حضرت منصور بن عمار عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْغَفَّار هڪ نوجوان کي نصيحت ڪندي چيو: اي جوان! توکي تنهنجي جواني دوکي ۾ نه وجهي ڪيترا اهڙا نوجوان هئا جن توبھ کي ڇڏي ڏنو ۽ پنهنجي اميدن کي ڊگهو ڪري ڇڏيو موت کي وساري ڇڏيو ۽ چوندا رهيا ته سڀاڻي توبھ ڪري وٺنداسين بئي ڏينهن توبھ ڪري وٺنداسين ايستائين جو انهي غفلت ۾ ملڪ الموت عَلَيْهِ السَّلَام اچي ويو ۽ اهي غافل اونڌاهي قبر ۾ وڃي پيا، انهن کي نه مال، نه غلامن، نه ئي اولاد نه ماءُ پيءُ ڪو فائدو ڏنو.

يَوۡمَ لَا يَنۡفَعُ مَالٌ وَّ لَا بَنُوۡنَ ﴿۸۸﴾
اِلَّا مَنۡ اَتَى اللّٰهَ بِقَلۡبٍ سَلِيۡمٍ ﴿۸۹﴾

(پ 19، الشعراء آيت 88، 89)

**ترجموڪنزالايمان:** جنهن ڏينهن سمورا اٿاريا ويندا. جنهن ڏينهن نه مال ڪم ايندو ۽ نه پُٽَ. مگر جيڪو اللّٰه جي حضور حاضر ٿيو سلامت رهيل دل کڻي.

(مڪاشفة القلوب ص 87)

**فرمانِ مُصطَفٰي** صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **جنهن مون تي هڪ ڀيرو درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي ڏهه رحمتون موڪليندو آهي.** (مسلم)

شبنم روتی ہے کہ نئے رنگِ جہاں کچھ بھی نہیں
خندہ زن ہیں بلبلیں اور گُل کا نشاں کچھ بھی نہیں

چار دن کی چاندنی ہے پھر اندھیری رات ہے
یہ تیرا حُسن وشَباب اے نوجواں! کچھ بھی نہیں

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

تُوْبُوْا اِلَى اللّٰه اَسْتَغْفِرُ اللّٰه

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! آخرت جي تياري ڪرڻ گناهن کان بچڻ نيڪين تي استقامت حاصل ڪرڻ ۽ پنهنجي جواني کي مدني رنگ ۾ رنگڻ جي لاءِ دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان هر وقت وابسته رهو، سنّتن جي تربيت جي لاءِ **عاشقانِ رسول** سان گڏ مدني قافلن ۾سنّتن ڀريو سفر اختيار ڪريو ۽ ڪامياب زندگي گذارڻ ۽ آخرت سنوارڻ جي لاءِ **مدني انعامات** تي عمل ڪندي روزانه فڪر مدينه جي ذريعي مدني انعامات جو رسالو ڀريو ۽ هر مهيني پنهنجي ذميدار کي جمع ڪرايو. هفتيوار سنّتن ڀريي اجتماعات ۾ خوب شرڪت ڪريو توبهه تي استقامت حاصل ڪرڻ ۽ ان جي باري ۾ تفصيلي معلومات ڄاڻڻ جي لاءِ دعوتِ اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينه جي شايع ٿيل 132 صفحن تي مشتمل ڪتاب **"توبه کي روايات و حکايات"** جو مطالعو ڪريو ۽ ڪامل ولي جي صحبت حاصل ڪرڻ ۽ علم ۽ حڪمت جا موتي چونڊڻ جي لاءِ هر ڇنڇر جي ڏينهن رات بعد نماز عشاء مدني مذاڪري ۾ شرڪت ڪريو، باب المدينه کان ٻاهر جا اسلامي ڀائر ۽ اسلامي ڀينرون **مدني چينل** جي ذريعي حاضري ڏين.

فرمانِ مُصطَفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: مون تي ڪثرت سان درود پاڪ پڙهو بيشڪ توهان جو مون تي درود پڙهڻ توهان جي گناهن جي لاءِ مغفرت آهي. (جامع صغير)

# مدني چينل ڇا آهي؟

**دعوت اسلامي** جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينہ جي ڇاپيل ڪتاب ”**غيبت جون تباهہ ڪاريون**“ صفحہ 66 تي آهي. اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ! تبليغِ قرآن ۽ سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ **دعوت اسلامي** جا مختلف شعبا آهن جن جي ذريعي دنيا ۾ اسلام جون بهارون لٽايون وڃن پيون انهن مان هڪ شعبو ”**مدني چينل**“ بہ آهي جنهن جي ذريعي دنيا جي گهڻن ملڪن ۾ ٽي وي جي ذريعي گهرن جي اندر داخل ٿي ڪري **دعوت اسلامي** اسلام جو پيغام عام ڪري رهي آهي **مدني چينل** دنيا جو واحد چينل آهي جيڪو سؤ فيصد اسلامي رنگن ۾ رنگيل آهي، ان ۾ نہ فلمون ڊراما آهن، نہ ڳائڻ وڄائڻ نہ عورت جي نمائش آهي نہ ڪنهن قسم جي موسيقي.

اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ! **مدني چينل** جي ذريعي ڪيترا ئي ڪافر اسلام جي دامن ۾ اچي ويا آهن بيشمار بي نمازي نماز جا پابند بڻجي ويا ۽ لاتعداد ماڻهون گناهن کي ڇڏي سنّتن تي عمل ڪرڻ وارا بڻجي ويا. مدني چينل جي برڪتن جو اندازو لڳائڻ لاءِ مدني بهار پيش آهي. جئين تہ هڪ اسلامي ڀاءُ مون کي برقي ڊاڪ (اي ميل) جي ذريعي هڪ مدني بهار پيش ڪئي ان جو خلاصو هي آهي تہ اڄ ڪلهہ هي حال آهي تہ دوران گفتگو اڪثر ان ڳالهہ جو اندازو نہ هوندو آهي تہ **غيبت** جو سلسلو شروع ٿي چڪو آهي هڪ دفعي حيدرآباد (باب الاسلام سنڌ) ڪان باب المدينہ آيل هڪ اسلامي ڀاءُ ڪجهہ اسلامي ڀائرن جي موجودگي ۾ چيو منهنجي هڪ دوست مون کي ٻڌايو تہ منهنجي پيڻ

**فرمانِ مُصطفٰي** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **مون تي درود شريف پڙهو الله تعاليٰ توهان تي رحمت موڪليندو- (ابن عدي)**

جيڪا انتهائي غصي واري طبيعت جي آهي جيڪڏهن ڪنهن ڪان ناراض ٿي وڃي ته پاڻ اڳتي وڏي ملاقات ۾ اڳرائي نٿي ڪري، منهنجي ڀاڄائي ۽ ڀيڻ ۾ ڪجهه معاملن تي پاڻ ۾ جهيڙو ٿي پيو ۽ ڀيڻ ڳالهائڻ بند ڪري ڇڏيو، حسنِ اتفاق سان انهي رات **دعوت اسلامي** جي هر دلعزيز سؤ فيصد مدني چينل تي **"مدني مذاڪرو"** نشر ڪيو ويو جنهن ۾ **غيبت جي تباهه ڪارين** کان بچڻ جو ذهن ڏنو ويو هو. منهنجي ڀيڻ جڏهن اهو مدني مذاڪرو ٻڌو ته **اَلْحَمْدُلِلّٰه** عَزَّوَجَلَّ منهنجي اهائي **ڪاوڙ ڪندڙ** ڀيڻ جيڪا اڳتي وڌي ڪري ڪنهن سان ملاقات نه ڪندي هئي پاڻ اڳيان وڌي ۽ منهنجي ڀاڄائي سان نه صرف ملاقات ڪئي پر معافي به ورتي ۽ ٻنهي ۾ ناهه ٿي ويو.

ناچ گانوں اور فلموں سے یہ چینل پاک ہے　　مَدَنی چینل حق بیاں کرنے میں بھی بے باک ہے

مَدَنی چینل میں نبی کی سنّتوں کی دھوم ہے　　اور شیطانِ لعیں رَنجور ہے، مَغْمُوم ہے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب!　　صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

منا منا اسلامي ڀائرو! بيان کي اختتام جي طرف آڻيندي سنّت جي فضيلت ۽ چند سنّتون ۽ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪريان ٿو تاجدار رسالت، شهنشاهِ نُبُوَّت، مصطفيٰ جانِ رحمت، شمعِ بزمِ هدايت، نوشهٔ بزمِ جنّت صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان جنّت نشان آهي ته جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي هو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو)

(مشڪاة المصابيح، ج 1، ص 55، حديث175)

www.dawateislami.net

**فرمانِ مُصطفٰي** صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: **جنهن مون تي ڏهه ڀيرا درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي سؤ رحمتون نازل فرمائي ٿو-** (طبراني)

سینہ تری سنّت کا مدینہ بنے آقا
جنّت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## ”مديني جي حاضري“ جي ٻارهن حرفن جي نسبت سان گهر ۾ اچڻ وڃڻ جا ٻارهن مدني گل

(1) جڏهن گهر کان ٻاهر نڪرو ته هيءَ دعا پڙهو: بِسْمِ اللهِ تَوَكَّلْتُ عَلَى اللهِ لَاحَوْلَ وَلَا قُوَّةَ اِلَّا بِاللهِ ترجمو: **الله** عَزَّوَجَلَّ جي نالي سان، مون **الله** عَزَّوَجَلَّ تي ڀروسو ڪيو، **الله** عَزَّوَجَلَّ جي بغير نه طاقت آهي نه قوت. (سنن ابي داؤد، ج 4، ص 420، حديث 5095) اِنْ شَآءَاللهعَزَّوَجَلَّ هن دعا جي پڙهڻ سان سڌي راهه تي رهندا آفتن کان محفوظ رهندا ۽ **الله** عَزَّوَجَلَّ جي مدد شامل رهندي. (2) گهر ۾ داخل ٿيڻ جي دعا: اَللّٰهُمَّ اِنِّيْٓ اَسْئَلُكَ خَيْرَ الْمَوْلَجِ وَ خَيْرَ الْمَخْرَجِ بِسْمِ اللهِ وَلَجْنَا وَبِسْمِ اللهِ خَرَجْنَا وَعَلَى اللهِ رَبِّنَا تَوَكَّلْنَا (ايضًا حديث 5096) (ترجمو: اي **الله** عَزَّوَجَلَّ! آئون تو کان داخل ٿيڻ ۽ نڪرڻ جي ڀلائي گهران ٿو. **الله** جي نالي سان اسان (گهر ۾) داخل ٿياسين ۽ ٻاهر نڪتاسين ۽ پنهنجي رب **الله** عَزَّوَجَلَّ تي اسان ڀروسو ڪيو) دعا پڙهڻ کان پوءِ گهر وارن کي سلام ڪريو پوءِ رسالت مآب صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي بارگاهه ۾ سلام عرض ڪريو، ان کانپوءِ سورة الاخلاص پڙهي. اِنْ شَآءَاللهعَزَّوَجَلَّ روزي ۾ برڪت ۽ گهريلو جهڳڙن کان بچت ٿيندي. (3) پنهنجي گهر ۾ ايندي ويندي ماءُ، پيءُ، ڀاءُ، ڀيڻ، ٻار ٻچي کي سلام ڪجي. (4) **الله** عَزَّوَجَلَّ جو نالو وٺڻ کان بغير مثلاً، بسم الله چوڻ بغير جيڪو گهر ۾ داخل

**فرمانِ مُصطَفٰي** صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **توهان جتي بہ هجو مون تي درود پاڪ پڙهو توهان جو درود مون تائين پهچي ويندو آهي.** (طبراني)

ٿيندو آهي شيطان بہ ان سان گڏ داخل ٿيندو آهي. (5) جيڪڏهن اهڙو مڪان (پلي پنهنجي خالي گهر) ۾ وڃڻو هجي جيڪڏهن ان ۾ ڪير بہ نہ هجي تہ هي چوي اَلسَّلَامُ عَلَيْنَا وَعَلٰی عِبَادِ اللّٰہِ الصّٰلِحِیْنَ ترجمو: (يعني اسان تي ۽ **الله** عَزَّوَجَلَّ جي نيڪ ٻانهن تي سلام) فرشتا ان سلام جو جواب ڏيندا. (ردالمحتار، ج 9، ص 682) يا هن طرح چوي اَلسَّلَامُ عَلَيْكَ اَيُّهَا النَّبِیُّ ترجمو: (يعني يا نبي! توهان تي سلام) چو تہ حضور اقدس صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي روح مبارڪ مسلمانن جي گهرن ۾ تشريف فرما هوندي آهي. (شرح الشفاء للقاري، ج 2، ص 118)
(6) جڏهن ڪنهن جي گهر ۾ داخل ٿيو تہ هن طرح چئو اَلسَّلَامُ عَلَيْكُمْ ڇا اندر اچي سگهان ٿو؟ (7) جيڪڏهن داخل ٿيڻ جي اجازت نہ ملي تہ خوشي سان واپس هليا وڃو ٿي سگهي ٿو ڪنهن مجبوري جي ڪري صاحب خانہ اجازت نہ ڏني هجي. (8) جڏهن ڪو توهان جي گهر جي در کي کڙڪائي تہ سنّت هي آهي پڇو ڪير؟ ٻاهر واري کي گهرجي تہ پنهنجو نالو ٻڌائي مثلاً چوي "محمد الياس" نالو ٻڌائڻ جي بجائي ان موقعي تي "مدينہ" "آئون آهيان" "دروازو کول" وغيره چوڻ سنّت نہ آهي. (9) جواب ۾ نالو ٻڌائڻ کان پوءِ دروازي کان هٽي ڪري بيهو جيئن تہ دروازو کلڻ کان پوءِ گهر جي اندر نظر نہ پوي. (10) ڪنهن جي گهر ۾ ليئا پائي ڏسڻ منع آهي گهڻن ماڻهن جي گهر جي سامهون هيٺ بيٺ ماڻهن جا گهر هوندا آهن اهڙن ماڻهن کي سخت احتياط جي ضرورت هوندي آهي. (11) ڪنهن جي گهر وڃو تہ اُتي جي انتظام تي هرو ڀرو تنقيد نہ ڪريو ان سان اُن جي دل آزاري ٿيندي. (12) واپسي تي گهر وارن جي حق ۾ دعا ڪريو ۽ شڪريو بہ ادا ڪريو ۽ سلام بہ ڏيو ٿي سگهي تہ ڪو سنّتن ڀريو رسالو تحفي ۾ پيش ڪريو.

**فرمانِ مُصطفٰي** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **مون تي ڪثرت سان درود پاڪ پڙهو بيشڪ هي توهان جي لاءِ طهارت آهي- (ابويعلي)**

**وڌيڪ** سنّتون سکڻ جي لاءِ مڪتبة المدينہ جا شايع ٿيل ٻہ ڪتاب بهارِشريعت حصو 16 (312 صفحا) ۽ 120 صفحن جو ڪتاب ”سنتون ۽ آداب“ هديةً حاصل ڪريو ۽ پڙهو سنّتن جي تربيت جو هڪ بهترين ذريعو **دعوت اسلامي جي مدني قافلن** ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر بہ آهي. (101 مدني گل)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## فهرست


| | | | |
|---|---|---|---|
| دُرود شريف جي فضيلت | 1 | قوم جا نوجوان ۽ دعوت اسلامي | 19 |
| جواني جي تلاش | 2 | بهترين زندگي جو راز | 19 |
| پٽر جي جواب ۾ گل پيش ڪريو! | 4 | سَتر صِدِيقن جو ثواب حاصل ڪرڻ ... | 20 |
| نيڪي جي دعوت عام ڪريو | 5 | الله عَزَّوَجَلَّ جو حقيقي پانهو | 20 |
| وقت جي دولت جوقدر ڪريو | 6 | باحيا نوجوان | 21 |
| جواني جي تعريف | 7 | جواني نعمت خداوندي | 22 |
| فيضان قرآن ۽ نوجوان | 7 | عبادت گذار نوجوان جي فضيلت | 23 |
| جواني جي عبادت پوڙهاپ ۾ سبب ... | 8 | پوڙهاپ جا فضائل | 24 |
| مدرسةُ المدينہ بالغان | 8 | صالح نوجوان کي ملڻ وارو انعام | 27 |
| مدرسة المدينہ بالغات | 9 | باڪرامت نوجوان | 28 |
| مدني ماحول اڌلي کي اعليٰ ڪري ڇڏيو | 10 | صالح و خائف نوجوان | 29 |
| جواني کي غنيمت سمجهو | 11 | عرش جو سايو حاصل ڪرڻ وارا ... | 31 |
| جواني جي قدر ڪريو | 12 | امام غزالي جي نصيحت | 32 |
| رِحلت جي وقت حضرت امير مُعاويہ ... | 12 | جواني ۾ توبه جي فضيلت | 33 |
| بزرگن جي عاجزي اسان جي لاءِ رهنمائي | 13 | جواني ۾ توبه ڪرڻ وارو محبوب.. | 34 |
| عبادت جي برڪت سان پوڙهاپ ۾ ... | 14 | جواني ۾ توبه ڪريو | 34 |
| جواني جي محنت پوڙهاپ ۾ سهولت | 14 | هڪ وسوسو ۽ ان جو علاج | 35 |
| صالح نوجوان جي لاءِ پوڙهائپ ۾ انعام | 15 | جوانن کي نصيحت | 36 |
| الله جو محبوب پانهو | 16 | مدني چينل جا آهي؟ | 38 |
| فرشتن کان افضل ڪير؟ | 17 | گهر ۾ اچڻ وڃڻ جا ٻارهن مدني گل | 40 |

**فرمانِ مُصطَفٰي** صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **جنهن مون تي هڪ ڀيرو درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي ڏهه رحمتون موڪليندو آهي.(مسلم)**

# ماخذو مراجع

| | قرآن مجيد | |
|---|---|---|
| نمبر شمار | ڪتاب | مطبوعہ |
| 1 | كنزالايمان فی ترجمۃالقرآن | مکتبۃ المدینہ، باب المدینہ کراچی |
| 2 | جامع ترمذی | د ار المعرفہ، بیروت۱۴۱۴ھ |
| 3 | سنن ابی داؤد | دار احیاء التراث العربی، بیروت ۱۴۲۱ھ |
| 4 | مسند ابی یعلٰی | دار الکتب العلمیہ، بیروت ۱۴۱۸ھ |
| 5 | مصنف ابن ابی شیبہ | المجلس العلمی بیروت۱۴۲۷ھ |
| 6 | مشکاۃالمصابیح | د ار الکتب العلمیہ بیروت ۱۴۲۱ھ |
| 7 | کنزالعمال | دار الکتب العلمیہ، بیروت ۱۴۱۹ھ |
| 8 | جمع الجوامع | دارالکتب العلمیہ ۱۴۲۱ھ |
| 9 | مرقاۃ المفاتیح | دار الفکر، بیروت ۱۴۱۴ھ |
| 10 | حلیۃ الاولیاء | دارالکتب العلمیہ،بیروت ۱۴۱۸ھ |
| 11 | تاریخ مدینہ دمشق | دارالفکربیروت لبنان1995ء |
| 12 | ردالمحتار | دار المعرفہ، بیروت۱۴۲۰ھ |
| 13 | شرح شفا | دارالکتب العلمیۃبیروت ۱۴۲۱ھ |
| 14 | احیاء العلوم | دار صادربیروت2000ء |
| 15 | لباب الاحیاء | دارالبیروتی 2004ء |
| 16 | مکاشفۃ القلوب | دارالکتب العلمیۃبیروت لبنان |
| 17 | مجموعہ رسائل ابن رجب | الفاروق الحدیثیہ للطباعۃ والنشر، القاہرہ |
| 18 | روض الریاحین | دارالکتب العلمیۃبیروت۱۴۲۱ھ |
| 19 | الروض الفائق | دار احیا التراث العربی بیروت ۱۴۱۶ھ |
| 20 | الترغیب فی فضائل الاعمال | دارالکتب العلمیۃبیروت۱۴۲۴ھ |
| 21 | تفسیر نعیمی | مکتبہ اسلامیہ |
| 22 | نورالعرفان | پیر بھائی کمپنی،مرکزالاولیاء لاہور |
| 23 | مرأۃالمناجیح | نعیمی کتب خانہ گجرات |
| 24 | فتاوی رضویہ | رضا فاؤنڈیشن مرکز الاولیاء لاہور |
| 25 | بہارشریعت | مکتبۃ المدینہ باب المدینہ کراچی۱۴۲۹ھ |
| 26 | فیضان سنت | مکتبۃ المدینہ باب المدینہ کراچی |
| 27 | کرامات فاروق اعظم | مکتبۃ المدینہ باب المدینہ کراچی |
| 28 | حکایتیں اور نصیحتیں | مکتبۃ المدینہ باب المدینہ کراچی2008ء |
| 29 | بوستان سعدی | انتشاراتِ عالمگیر،تہران |
| 30 | حدائق بخشش | مکتبۃ المدینہ باب المدینہ کراچی۱۴۳۳ھ |
| 31 | ذوق نعت | ضیاء الدین پبلی کیشنز1992ء |
| 32 | وسائل بخشش مرمم | مکتبۃ المدینہ باب المدینہ کراچی۱۴۳۵ھ |

www.dawateislami.net

